## ڪميونٽي ريسورس پرسن (CRP)

سي آر پي ڪميونٽي سان تعلق رکندڙ اهڙا فرد آهن جيڪي با اثر ۽ علائقي ۾ ترقي جو جذبو رکندڙ هجن. خاص طور تي هو پنهجي ذاتي فعل ۽ ڪوشش سان عمومي حالات ۾ بهتري آڻڻ تي يقين رکندڙ هجي. RSPs, LSOs, VOS يا Cos اهڙن فردن جون خدمتون عارضي طور تي ڪنهن مخصوص ڪم جي لاءِ حاصل ڪندا آهن. جيئن اهي هن مقصد جي لاءِ پنهجي آس پاس جي ماڻهن کي منظم ڪري سگهن ۽ ڪنهن اهم ڪم يا مقصد جي لاءِ تربيت ڏيئي سگهن.

## سي آر پي جي اهميت

سي آر پي مقامي ماڻهو هجڻ ڪري سولائي سان ڳوٺ تائين پهچي سگهي ٿو. مقامي هجڻ ڪري هو اتان جي رسم و رواج، ثقافت، مذهبي رجحانن، احساسن ۽ مسئلن جي سبب بڻجندڙ عوامل کي بهتر نموني سمجهي سگهي ٿو. جيئن تہ منصوبو مختصر عرصي ۾ مڪمل ڪرڻو هوندو آهي ۽ پروجيڪٽ اسٽاف جي لاءِ سموري علائقي ۾ پهچڻ عملي طور تي ناممڪن هوندو آهي تنهنڪري ڪميونٽي تائين پنهنجو آواز ڀرپور طريقي تائين پهچائڻ لاءِ سي آر پي جون خدمتون حاصل ڪيون وينديون آهن. انهي کان علاوه سي آر پي مقامي ماڻهن جو هڪ فعال گروپ جوڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن جي اڳتي هلي مقامي آبادي جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

## سي آر پي جون ذميواريون ۽ ڪردار

* ڳوٺ سطح تي DRR متعلق آگاهي سيشن منعقد ڪرڻ
* بنا ڪنهن رنگ، نسل، مذهب ۽ علائقي جي فرق، ماڻهن کي برابري جي بنياد تي تربيت جا موقعا فراهم ڪرڻ
* مقامي قدر، رسم و رواج ۽ عقيدي جو احترام ڪرڻ
* خطرن کان بچاءَ جي باري ۾ آگاهي ڏيڻ جي لاءِ اسڪولن ۾ خصوصي سيشن جو بندوبست ڪرڻ
* تربيت دوران سمورن طبقن خاص ڪري عورتن، بزرگ، نوجوان ۽ معذور فردن جي شموليت کي يقيني بنائڻ
* RSP, LSO, UDMC, VDMC وغيره سان سنا لاڳاپا رکڻ
* سموري تربيتي ڪارروائي جو باقائده رڪارڊ رکڻ، رپورٽ پيش ڪرڻ، سمورن خرچن جون رسيدون ۽ حاضري شيٽ بروقت RSP کي مهيا ڪرڻ

## ڳوٺ سطح تي آفتن کان بچاءَ جو انتظام ڪرڻ وارين ڪاميٽين (VDMC) جون اهم ذميواريون.

* آفتن جو پيشگي جائزو ۽ تجزيو ڪرڻ
* مقامي ترجيح جي جي بنياد تي اهم ڪمن جي درجہ بندي ڪرڻ
* طئہ ٿيل ترجيحات مطابق ڪمن تي عمل درآمد ڪرائڻ
* ڳوٺ سطح تي آفتن کي منهن ڏيڻ جي انتظامن جي منصوبا بندي ڪرڻ
* آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ گهربل وسيلن جو انتظام ڪرڻ

## يونين ڪائونسل سطح تي آفتن کان بچاءَ جو انتظام ڪرڻ وارين ڪاميٽين(UDMC) جون اهم ذميواريون

* مقامي سطح تي حڪومتي، غير حڪومتي ۽ ٻين سول سوسائٽي جي ادارن سان رابطاڪاري ڪرڻ
* VDMC کي گهربل سهڪار ۽ مدد فراهم ڪرڻ.
* مختلف مقامي ۽ غير مقامي ادارن تائين پنهنجو آواز ڀرپور طريقي سان پهچائڻ

## آفتن ۽ ان جي ممڪن خدشن جي انتظام ۾ استعمال ٿيندڙ بنيادي تصورات ۽ اصطلاح

**خطرو:**
اهڙو ممڪن واقعو جيڪو وسيع پئماني تي انسان، تعميرات، ماحول، قدرتي ۽ معاشي وسائل کي نقصان پهچائي سگهي ٿو يا تباه ڪري سگهي ٿو اهو خطرو چورائيندو آهي.

**آفت:**
اهڙو واقعو جنهن جي رونما ٿيڻ سان سماج جو ڪارو هنوار وڏي پئماني تي متاثر ٿئي ۽ جنهن جي نتيجي ۾ ايتري قدر جاني، مالي ۽ ماحولياتي نقصان ٿئي جو متاثر پنهنجي موجوده وسيلن سان ان جو مقابلو نه ڪري سگهن.

**ڪمزور دفاعي صلاحيتون:**
اهڙن عنصرن، ڪيفيتن ۽ ڪمزورين جو مجموعو جو ماڻهن، گهراڻن ۽ ڳوٺن جي آفتن سان مقابلو ڪرڻ واري اوڳوات تيارين، هنگامي حالتن جو مقابلو ۽ آفتن سان مقابلو ڪرڻ واري اهليت کي منفي انداز ۾ متاثر ڪري.

**اهليت وسيلا:**
ماڻهن، گهراڻن، تنظيمن ۽ ڳوٺن ۾ موجود اها سموري ڏاهپ، مهارتون، وسيلا ۽ اهليتون جيڪو انهن کي آفتن جو مقابلو ڪرڻ، مزاحمت ڪرڻ يا تيار رهڻ، روڪٿام يا اثرات محدود ڪرڻ يا بحال ٿيڻ ۾ مددگار ٿينديون هجن.

**خدشو:**
ڪنهن واقعي جي امڪاني ۽ منفي اثرن جي انديشي کي خدشو چيو ويندو آهي.

**خطري جي منهن ۾ ايندڙ عنصر:**
ماڻهو خاص ڪري پوڙها، ٻار، معذور افراد، عورتون، عمارتون، پل، رستا، نديون، رسد ۽ ترسيل جي ذريعن، فصلن، کوهن، مال مويشي وغيره ممڪنه طور تي خطرن کان متاثر ٿي سگهن ٿا.

**فوري رد عمل هنگامي امداد:**
آفت جي دوران يا آفت کانپوءِ انساني زندگيون بچائڻ، صحت تي اثرانداز ٿيندڙ منفي اثرات ۾ گهٽتائي عوامي تحفظ کي يقيني بنائڻ ۽ متاثرن جي بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ جي لاءِ اجتماعي ۽ انفرادي فوري ردعمل.

**امداد يا رليف**
امداد يا رليف مان مراد تلاش يا بچاءَ جي مرحلي ۾ ڀرپور اقدامات، ابتدائي طبي امداد نيز عارضي پناه گاه، پاڻي خوراڪ ۽ صحت جي سهوليت جي فراهمي.

**بحالي:**
آفتن جي خدشن جي سببن جي خاتمي جي ڪوشش سان گڏوگڏ جيستائين ممڪن هجي متاثر آبادين جي ذريعا روزگار، معيار زندگيءَ ۽ بنيادي سهوليتن جي بحالي ۽ بهتري جا ڪم سرانجام ڏيڻ. اهي سموارا قدم جنهن جي ڪري تباه ٿيل ملڪيتن ۽ سهوليتن کي پنهنجي اڳوڻي شڪل ۾ آڻڻ ممڪن هجي شامل آهن.

**نئين سر يا ٻيهر بحالي:**
متاثر عمارتون ۽ تعميراتي ڍانچي جي مرمت يا ان جو متبادل فراهم ڪرڻ جي لاءِ مستقل اقدام ۽ معشيت جي نئين سر بحالي جي دائري ۾ اچي ٿي.

## آفتن جي اچڻ کان اڳ جا اقدام:

1. مقامي آبادي ۾ موجود خطرن، خدشن ۽ ڪمزور دفاعي صلاحيتن جو جائزو وٺڻ ۽ منصوبا بندي ڪرڻ.
2. قانون سازي ڪرڻ
3. ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ
4. سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن سان رابطاڪاري
5. پيشگي اطلاعات واري نظام جو قيام
6. مقامي آبادين جي لاءِ تربيتي سرگرمين جي شروعات ڪرڻ
7. هنگامي امداد جي لاءِ گهربل شين جو ذخيرو ڪرڻ
8. آبادي جو محفوظ جڳهن ڏانهن منتقلي.
9. اسڪولن ۽ اسپتالن ۾ فرضي مشقون منعقد ڪرڻ جئين ڪنهن آفت جي اچڻ جي صورت ۾ بهتر نموني سان منهن ڏئي سگهجي.
10. مقامي رضاڪارن کي تلاش ۽ ابتدائي طبي امداد جي تربيت ڏيڻ.
11. جانورن جي لاءِ چاري جو ذخيرو ڪرڻ

کارڊ نمبر-3

# آفتن جي دوران جا اپاءُ



تلاش، بچاءُ ۽ طبي امداد فراهم ڪرڻ



ڪاڌو، ڇت ۽ صاف پاڻي جي فراهمي



اهم سهوليتن جي بحالي جو ڪم شروع ڪرڻ



صفائي سترائي جو ڪم ڪرڻ

# آفتن ڪان پوءِ جا اپاءُ



عارضي ڪئمپ ڪان گهرن ڏانهن واپسي



صحيح طريقي سان نقصان جو اندازو لڳائڻ



اهم سهوليتن ڪي بحال ۽ مستحڪم ڪرڻ



تعليمي ادارن ڪي بحال ڪرڻ

## آفتن جي دوارن گهربل اپاءُ:

1. آفت کان متاثر علائقن يا عمارتن ۾ ڦاٿل ماڻهن کي ڪيڏي محفوظ جڳهن ڏانهن منتقل ڪر
2. تلاش ۽ بچاءُ جو ڪم ڪرڻ
3. ابتدائي طبي امداد فراهم ڪرڻ
4. متاثر ماڻهن کي خوارڪ، رهڻ جي لاءِ ڇت ۽ پيئڻ جي لاءِ پاڻي فراهم ڪرڻ
5. نقصانن جو صحيح جائزو وٺڻ
6. اهم سهوليتن جي بحالي جو ڪم شروع ڪرڻ جهڙوڪ رابطي' لاءِ روڊ رستا، بجلي، پاڻي، پل ۽ اسپتال وغيره
7. صفائي سترائي جا ڪم ڪرڻ جيئن علائقي ۾ وبائي مرض نہ ڦهلجن.

## آفتن کان پوءِ گهربل اپاءُ:

اهو مرحلو هنگامي امداد ۽ ابتدائي بحالي واري ڪمن کانپوءِ شروع ٿئي ٿوجنهن ۾ مڪمل سماجي ۽ نيئن سر تعمير وارا ڪم ڪيا ويندا آهن. انهي مرحلي تي ڇيده ڇيده ڪيون ويندڙ سرگرميون هيٺ ڏجن ٿيون.

1. هنگامي امدادي ڪئمپ ختم ڪرڻ جئين ماڻهو پنهنجي علائقي ۽ گهرن ڏانهن واپس وڃي بحالي ۽ نئين سر تعمير واري ڪم ۾ حصو وٺي سگهن.
2. چڱي نموني سان نقصان جو اندازو لڳائڻ جيئن بحالي ۽ نيئن سر تعمير واري ڪم جي منصوبا بندي ڪري سگهجي.
3. تعليمي ادارن کي بحال ڪرڻ
4. اهم سهوليتن کي بحال ۽ مستحڪم ڪرڻ
5. نيئن سر تعمير واري متاثر علائقن ۾ خدشن جو جائزو وٺڻ
6. صنفي پهلو ملحوظ خاطر رکڻ

ڪارڊ نمبر-4

## ٻوڏ جي اچڻ کان پهرين توهان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟



علائقائي خبرون ٻڌو



محفوظ هنڌن جي نشاندهي ڪريو



پنهنجي قيمتي دستاويزن کي
مٿاهين جڳهه تي رکو



ٻاهر نڪرڻ واري رستي جي استعمال جي مشق ڪريو

## ٻوڏ جي دوران توهان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟



پاڻي جي وهڪري کان پري ڪنهن
محفوظ هنڌ تي هليا وڃو



ٻوڏ واري پاڻي ۾ گهڙڻ کان پاسو ڪريو

## ٻوڏ کان پوءِ توهان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟



نانگن، ڪيڙن ماڪوڙن کان پري رهو



بجلي جي تارن ۽ ڪنين کان پري رهو

## ٻوڏ جي اچڻ کان پهرين توهان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

1. ٻوڏ وارين جڳهن تي گهر ٺاهڻ کان پرهيز ڪريو
2. ٻوڏ جي نشانين کان هوشيار رهو
3. هدايتن ۽ مشوري جي لاءِ علائقائي خبرون ٻڌو ۽ ڏسو
4. اهڙن علائقن جي نشاندهي ڪريو جيڪي متاهين تي واقعي هجن ۽ ان تائين پهچڻ لاءِ محفوظ رستي کان واقف رهو.
5. پنهنجي خاندان سان گڏ ٻاهر نڪرڻ واري رستي جي استعمال جي مشق ڪريو ترڻ سکو.

## ٻوڏ دوران توهان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

1. متاهين واري جڳهه تي چڙهي وڃو
2. پاڻي جي وهڪري کان پري ڪنهن محفوظ جڳهه تي هليا وڃو.
3. تازه ترين اطلاعات جي لاءِ ريڊيو ٻڌو.
4. مقامي عملدارن جي هدايتن تي عمل ڪريو
5. ٻوڏ واري پاڻي ۾ هلڻ، ترڻ ۽ گاڏي هلائڻ يا راند ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪريو.

## ٻوڏ ڪانپوءِ اوهان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

1. ٻوڏ واري پاڻي کان پري رهو ڇاڪاڻ جو انهي ۾ نقصانڪار ڪيميائي جزا ۽ بيڪٽريا ٿي سگهن ٿا.
2. ٻوڏ واري پاڻي ۾ هلڻ کان پرهيز ڪريو ڇاڪاڻ جو اهو نقصانڪار ٿي سگهي ٿو.
3. نانگن، ڪيڙن ماڪوڙن کان هوشيار رهو ۽ جانورن کي ٻوڏ واري پاڻي کان پري ڪنهن متاهين جڳهه تي وٺي وڃو.
4. بجلي جي ڪريل تارن ۽ ٿنڀن کان پري رهو ۽ واپڊا کي رپورٽ ڪريو.
5. انهن علائقن کان پري رهو جيڪي آفت سٽيل قرار ڏنا ويا آهن.
6. پنهنجي گهر واپس انهي وقت اچو جڏهن عملدار انهي کي محفوظ قرار ڏين.